# سنڌيت جي سُرھاڻ



ٿڌرام پنجواڻي
’’پيارل‘‘

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سنڌيت جي سُرهاڻ


رچناڪار : ٿڌارام پنجواڻي ''پيارل''
ڇاپو : پهريون      ڪاپيون : ٥٠٠
سال : سيپٽمبر ٢٠٠٣
ڇپائيندڙ : ٿڌارام پنجواڻي ''پيارل''
قيمت : پريم سان پڙهو ۽ هنڊايو
ڇپيندڙ : اسڪين ڪمپيوٽرس
٣، راڌيشيام ڪامپليڪس،
پاٽيا، نروڙا روڊ، احمدآباد- ٣٨٢٣٤٥. فون:٢٨٠٦٧٧٦


# SINDHIYAT JI SURHAN


By : THADHARAM PANJWANI "PIYARAL"
Year : **Sept. 2003** Edition : **First**
Copies : **500**
Price : **Free**
Published by : **Thadharam Panjwani "Piyaral"**
2nd floor, Arjun Complex,
Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Phone : (R) 30211465 (O) 30218007
Printed by : **SCAN COMPUTERS**
3, Radhyshyam Complex,
Patia, Naroda Road,
Ahmedabad-382345.
Ph. : 2806776



This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ارپيم

سڪ ۽ شرڌا سان پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ کي



(شري سنتوشڪمار ڪؤڙومل پنجواڻيءَ)

شاعر : ٿڌارام پنجواڻي ”پيارل“

This book Published on Internet by:

**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ٿنا جهوليلال جي

جهولي لعل جهولي لعل، جهولي لعل جهولي لعل،
ڪليگہ جو آهين اوتار، جهولي لعل جهولي لعل.

جوتن وارا جهوُلڻ سائين، پل ۾ تون ٿو آسون پڄائين،
تنهنجي جوت جلي چوڏار، جهولي لعل-جهولي لعل.

لعل اُڏيرا پَلَوَن وارا، پَلَوَ پائين ٿا پريم پيارا،
تون ڪرين ٿو ٻيڙا پار، جهولي لعل جهولي لعل.

دولهہ تو در ديگيون چڙهن، سيسائون پيي خوب چڙهن،
مڇي چيچڻ جي چمڪار، جهولي لعل جهولي لعل.

ڌرم بچائڻ جڳہ ۾ آئين، چيٽي چنڊ تي سنڌ ۾ ڇائين،
ڪيئہ ڌرم جي جئہ جئہ ڪار، جهولي لعل جهولي لعل.

تون هي بگاڙين تون هي بڻائين، پاپن کي پيي پار لڳائين،
آهين هيڻن جو همراهہ، جهولي لعل جهولي لعل.

تون هي پتا تون هي ماتا، تون هي جڳہ جو جيون داتا،
تون ڏينن جو بہ ديال، جهولي لعل جهولي لعل.

سورت نياري پلي تي سواري، پوڄن توکي سڀ نر ناري،
تون راکو آهين رکپال، جهولي لعل جهولي لعل.

”**پيارل**“، تو در پنجڙا ڳائي، باسون باسي اکا پائي،
پورا ڪرين ٿو سڀ جا سوال، جهولي لعل جهولي لعل.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اڌوري آزادي

اڇو نہ سڀ ڳڍجي ڪري، اڄ ملهايون آزادي،
صدين کان پوءِ ملي آ، اسان جي ديش کي آزادي.

آزاديءَ جي ملي هلچل، آئي انقلاب جي آنڌي،
ديش مٿان قربان ٿي ويا، نهرو سڀاش ۽ گانڌي.

هندو-مسلم، سک عيسائي، جن ايڪتا جي جوت جڳائي،
نوجوانن پڻ ديش مٿان، پنهنجي جان لُٽائي.

ٿيو ورهاڱو ديش جو، مِلي اڌوري آزادي،
سنڌ هلي ويئي هٿن مان، سنڌين جي ٿي بربادي.

اڄ پڻ آزادي کسڻ لاءِ، تاڪ ۾ آهن آتنڪوادي،
”پيارل“ سدا جاڳندا رهجو، هلي نہ وڃي آزادي.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ڪجهه ڪرڻ جي تمنا

آيو آهيان هليو ويندس
پر ڪجهه ڪرڻ ٿو چاهيان،
بچيو آ وقت جو باقي
بڻائڻ سڦل ٿو چاهيان.

١ - ويئي گذري عمر ساري
دنيا داري نباهڻ ۾،
وريو ڪجهه ڪينڪي ان مان
پيو هاڻي مان پڇتايان.

٢ - ٻلائي مون ڪئي سپ سان
ملي بدلي ۾ رسوائي،
شڪايت مان ڪيان ڪنهن جي
ڏاريو ڪوئي نٿو پايان.

٣ - لکان ٿو شعر ۽ غزلون
خوشيءَ جا گيت ٿو ڳايان،
آخري آس آهه ''**پيارل**''
پنهنجي پريتم کي پرچايان.

''پيارل''

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# روح رهاڻ

اوري آءُ منهنجا مٺا، ويهي روح رهاڻ ڪيون،
اڪيلائيءَ ۾ ڌيان لڳائي، سائينءَ جا گن ڳان ڪيون.

ڀيد ڀلائي تنهنجو منهنجو، ارپڻ پنهنجو پاڻ ڪيون،
اندر پنهنجي جهاتي پائي، پريوءَ سان پهچان ڪيون.

نفرت جي نگاهه کي، ڪڍي دل ڪان ڌار ڪيون،
سچ جي مشعال سان، راهه کي روشندار ڪيون.

ڪوڙ ڪپٽ ڪڍي من مان، اندر پنهنجو صاف ڪيون،
نِوڙَت ۽ نيزاريءَ سان، پنهنجي من کي شانت ڪيون.

دل ۾ ديرو دلبر جو، دل ۾ دلبر جو ديدار ڪيون،
”**پيارل**“ پنهنجي پرينءَ سان، ويهي روح رهاڻ ڪيون.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# جهوليلال جي پناري

آيس جهوُلڻ تنهنجي ڏُواري،
جيون جي هيءَ ٻيڙي هاڪاري.

(۱)

آهہ نظر ڪان دور ڪنارو،
مونکي بس تنهنجو سهارو،
جڳہہ مون کي تہ ڏُتاريو آ،
مون تونکي تڏهن پڪاريو آ،
آهيان هاڻي تنهنجي پَناري،
آيس جهوُلڻ تنهنجي ڏُواري.....

(۲)

راهہ ۾ ڀٽڪيل راهي آهيان،
هاڻ رهبري تنهنجي چاهيان،
من کي وڪارن آهہ تپايو،
جيون کي آ دکي بڻايو،
ڪين سگهان تو هڪ پلُ ٻيي گهاري،
آيس جهوُلڻ تنهنجي ڏُواري.....

(۳)

دنيوي سُکن هو مَنُ هرکايو،
نظر تڏهن سپ دلڪش آيو،
وقت پڇاڙا سمجهه ۾ آيو،
پرمن ۾ هو پاڻ ڀُلايو،
''پيارل'' جي چڏ ٻگڙي سنواري،
آيس جهوُلڻ تنهنجي ڏُواري.....

''پيارل''

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# ايڪتا جي مهاجوت

سنڌڙيءَ جي چمن جي مهڪ آهيون، اسين سڀ سنڌي هڪ آهيون،
گلن جهڙي سرهاڻ اسان ۾، جتي وهون خوشبو ڦهلايون.

گلن جهڙي اسان ۾ رنگت، جتي وڃون اُتي رنگ ڄمايون،
محنتڪش اسين مرد آهيون، محنت کان اسين ڪين ڪيٻايون.

پنهنجي محنت ساڻ اسين، جتي رهون ڪاميابي پايون،
وير دشمني ڪيون نہ ڪنهن سان، ڌارين کي بہ ڀي پنهنجو بڻايون.

نفرت حسد کان دور رهون، پيار جا اسين پانڌيئڙا سڏايون،
ايمان ڪري جي ڪوئي اسانجو، سُوَمان جي خاطر ڪنڌ ڪپايون.

اچي مصيبت قوم مٿان تہ، اُنهيءَ لاءِ جان ڀي لٽايون،
رڳ رڳ ۾ اسان جي آ سنڌي، ٻيو ڪجهہ اسان پوءِ آهيون.

پنهنجن نوجوانن کي ڀي، اسان اهڙو احساس ڪرايون،
ڪڏهن نہ ڀلجون پنهنجي اصليت، سدا پاڻ کي سنڌي چوايون.

وقت آيو آهي هاڻ "**پيارل**"، پاڻ کي ڪجهہ سمجهايون،
سنڌي سڀ هڪ منچ تي، ايڪتا جي امر جوت جڳايون.

"پيارل"

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پرارٿنا

چون توکي جڳ جو سپيئي ٿا داتا،
ڪرين پاڄهه پنهنجي سدائين سڀاڇها!

(۱)

تون الله، ايشور ۽ ڀڳوان آهين،
تون نانڪ ۽ تون ئي ڪنعيو ڪان آهين،
تون عيسيٰ، رحميم، رامُ آهين،
اهو ئي اسان جو جهوليلال آهين،
پتا، ماتِ، بندو، سکو ۽ پراتا،
چون توکي جڳ جو سپيئي ٿا داتا......

(۲)

اصل ۾ تون پريو! نراڪارُ آهين،
۽ ڀڳتن جي شرڌا سان ساڪارُ آهين،
جدا من پسند آهه ڀڳوان سڀ جو،
آ مندر ۽ مسجد بہ مڪام رَبَ جو،
ڪرم تون سنواري نيصب جا وِڌاتا!
چون توکي جڳ جو سپيئي ٿا داتا.....

(۳)

ملي گيان جيڪو گروءَ جي دُواري،
اُهو ئي ٿو جپ تَپُ ٽِڪاڻو سيڪاري،
سچو گيتا بائيبل جو گيان پوتر،
جڳت جو ڌرم هرڪو ''پيارل'' آ بهتر،
رهن آتما سان انهيءَ جا ناتا،
چون توکي جڳ جو سپيئي ٿا داتا....

**''پيارل''**

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سدائين مان سنڌي

سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان،
پڇن گيت پنهنجا سنڌيءَ ۾ تو ڳايان.

(١)

وڏي ويجهي سنڌي اباڻن جي ٻولي،
اَمڙ آهه جنهن ۾ ڏني مون کي لولي،
تهذيب پنهنجي پلا ڪيئن وساريان،
ڪلا کي ڏئي خون شل! مان نکاريان،
جنم ڀوميءَ جا تورا پڻ ڪيئن مان لاهيان؟
سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان.....

(٢)

آ ساهت سان منهنجي محبت نرالي،
ٻٽي مالهي تنهنجي ڪندس پيو رکوالي،
ڪڏهن ڪين پلجي مفت پستڪ پڙهان تو،
سنو سنڌي ساهت سکون لئه لکان تو،
ڪري آنءُ ڪوشش کي پانڪ وڌايان،
سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان.....

(٣)

سدا سنڌيت جوت جڳندي رهي شل!
چيٽي چنڊ جي رسم هلندي رهي شل!
هٽن جهمريون 'پيارل' ڀهراڻا ڪٽائن،
''آيو لال'' جا نعرا دل سان لڳائن،
ڪڍي سرگسون لوڪ ورثو پسايان،
سدائين فخر سان، مان سنڌي سڏايان.....

''پيارل''

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# آيا سنڌي

سنڌي سنڌي آيا سنڌي
سنڌ ڇڏي هند آيا سنڌي
ڌرم بچائڻ آيا سنڌي
فرض نڀائڻ آيا سنڌي
جان لٽائڻ آيا سنڌي
جوان جاڳائڻ آيا سنڌي
راهه ڏيکارڻ آيا سنڌي
سچ سيکارڻ آيا سنڌي
سنڌي سنڌي آيا سنڌي.
همت وارا آيا سنڌي
محنت وارا آيا سنڌي
قسمت وارا آيا سنڌي
ڌيرج وارا آيا سنڌي
دولهه دلارا آيا سنڌي
جهولڻ پيارا آيا سنڌي
سهڻا ''**پيارل**'' آيا سنڌي
آيا سنڌي آيا سنڌي.

''پيارل''

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# هل اڪيلو هل....

هل اڪيلو هل بيهه نه هلندو هل،
هلندي هلندي توکي ملندي تنهنجي منزل.
هل اڪيلو هل....

رستو لنبو آهي توکي هلڻو آهي
موڙ تي بيهڻو ناهي متان ٿئين بزدل
هل اڪيلو هل....

رستي ۾ توکي ملندا، سهڻا سڄڻ ساٿي
ملي ويندي توکي محبوبن جي محفل
هل اڪيلو هل....

رستي ۾ توکي ملندا، همدرد ۽ همراهي
دل جا دلبر ملندا، بيدل ۽ سنگدل
هل اڪيلو هل....

ملندا توکي هنڌڙي، خوب خوشيون ۽ غم
دوست دشمن ملندا پيار ملڻ مشڪل
هل اڪيلو هل....

هلڻ ڪرم آ تنهنجو بيهڻ ڌرم نه تنهنجو
هر حال ۾ هلڻو توکي هل **''پيارل''** هل.
هل اڪيلو هل....

''پيارل''

This book Published on Internet by:

**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# اما سنڌڙي

تون منهنجي اما سنڌڙي
توتان گهوريان جندڙي.

١- جا تو ڏني مونکي لولي،
اها هئي سنڌي ٻولي.
هرگز نہ ڀلائي سگهبي،
پنهنجي وطن جي ٻولي،
ٻولي آ ڪيڏي سنڙي،
توتان گهوريان جندڙي.

٢- تنهنجي گود ۾ پلجي،
مان هلڻ سکيو آهيان.
ان مٽيءَ سان کيڏي،
مان وڏو ٿيو آهيان.
مٽي آ ڪيڏي منڙي،
توتان گهوريان جندڙي.

٣- ياد اچي تو ”**پيارل**“،
سنڌو نديءَ جو ڪنارو.
اوتار وني جتي آيو،
اسان جو جهولڻ پيارو.
ڪائي جاءِ نہ ملندي اهڙي،
تو تان گهوريان جندڙي.

**”پيارل“**

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# امر سنڌي ٻولي

امر آهي امر رهندي،
سنتن جي سنڌي ٻولي.
ڀلائي ڪينڪي سگهبي،
ڏنل ماءُ جي لولي.
چمڪن جيئن چنڊ تارا،
چمڪندا تيئن سنڌي سارا.
زنده سي سدا رڪندا،
اباڻن جي مٺي ٻولي.
ڪيو وشواس سنڌين تي،
سنڌي آهن ڀائر پنهنجا.
ڪرايو ياد انهن کي،
وساريل سندن جي ٻولي.
هماليہ کان هلي آهي،
سنڌو نديءَ جي ڌارا.
سنڌو ڌارا سان جڙيل آ،
سنڌو جي سنڌي ٻولي.
آريہ ديشن کان آئي،
آرين جي سنڌي ٻولي.
پڪاري ٿو پيو ”**پيارل**“،
سدا جيئي سنڌي ٻولي.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سنڌي چوايو

سنڌي آهيون سنڌي چوايو،
سنڌي چوائڻ کان نہ شرمايو.

سنڌي اسان جي آهي سڃاڻپ،
تنهن کي ڪڏهن ڪين ڀُلايو.

سنڌي اسان جي اباڻي ٻولي،
اَمڙ وانگر تنهن کي اپنايو.

سنڌي اسان جي جيون شڪتي،
تنهن کي هردي ساڻ هنڊايو.

سنڌي اسان جي انتر آتما،
پاڻ کي اهڙو احساس ڪرايو.

پنهنجي اصليت ڪين ڀُلايو،
''پيارل'' پاڻ کي سنڌي چوايو.

''پيارل''

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سنڌي ڀاشا مهان

سنڌ جي سنتن جو آ فرمان،
سنڌي ڀاشا آهہ مهان.
ماتر ڀاشا آهي اسان جي،
مٿان ڪريون ان جو اڀمان.

۱- اول آريہ ديش ڪان،
سنڌي سنڌ ديش ۾ آيا،
جن وڌايو سنڌ ۾ شان،
اسين آهيون تن جي سنتان.

۲- سنڌ سياڳي سچي سونهاري،
جان ڪان ڀي آهي پياري،
ماتر ڀومي آهي اسان جي،
جيڪا آهي اسان جي جان.

۳- وهي ٿي جتي سنڌو ندي،
سدائين نرمل جل واري،
اها آهي اسان جي ”پيارل“،
پنهنجن وڏڙن جو وردان.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سنڌي سڏايان

سنڌي آهيان سنڌي سڏايان،
سنڌي سڏائڻ کان نہ ڪيٻايان،
پنهنجن سنڌي ڀائرن تائين،
سنڌيت جو پيغام پهچايان.

١- گيت، ڀڄن سنڌيءَ ۾ ڳاهيان،
هر محفل ۾ اهي سنڌيءَ ۾ ڳايان،
جنم ڏيهاڙيءَ جو فرض نڀايان،
ڏارين کي ڀي پنهنجو بڻايان.

٢- سنڌڙيءَ جي سنتان آهيان،
تنهنجو ڙو مان قرض چڪايان،
سُتل سنڌي جوان جاڳايان،
''پيارل'' پنهنجن کي سمجهايان.

''پيارل''

This book Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# هڪ آهيون سنڌي

١-  اسان سڀ آهيون سنڌي،
اسان هڪ آهيون سنڌي،
جنم ڀومي آ سنڌ اسان جي،
ٻولي اسان جي آهي سنڌي،
اسان هڪ آهيون سنڌي....

٢-  ڪوئي انياءُ نہ سهنداسين،
انهيءَ جي سامهون ٿينداسين،
پنهنجا حق حاصل ڪنداسين،
دنيا کي ڪري ڏيکارينداسين.
اسان هڪ آهيون سنڌي....

٣-  جيڪي اسان جي هٿ ۾ آهي،
اها اسان جي محنت آهي،
ڪئي نہ ڪنهن عنايت آهي،
تنهن لاءِ ڇو شڪايت آهي،
''**پيارل**'' گڏجي آواز اُٿاريون.
اسان هڪ آهيون سنڌي....

''**پيارل**''

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# جاڳ جوان سنڌ جا

جاڳ جوان سنڌ جا، توکي سنڌ ٿي سنڀاري،
غلام آ جا غيرن ۾ توڏي ٿي نهاري.

سنڌ جو ساڌ ٻيلو لڳندو هو جتي ميلو،
اڄ آهه سدا اڪيلو، ڌارين جي آ پناري.

سهڻو سکر ۽ لاڙڪاڻو، پنهنجو وطن اباڻو،
اڄ آهه سو ويڳاڻو، نيڻي تو نير هاري.

سنڌ جي ڪنوار سهڻي پياري هئي ڪراچي،
تنهن کي ٻه تو پيارا، ڇڏيو آهي وساري.

سنڌو ندي سنهاري، ساري سنڌ ٿي سنواري،
جا پنهنجو نرمل پاڻي، ڌارين کي پئي پيئاري.

هاڻي ٻه جي نه جاڳئين، پهچندي ڪيئن ڪناري،
تنهن لاءِ جاڳ ”**پيارل**“ همت جي هل سهاري.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پاڻ کي سڃاڻ سنڌي

سنڌي پيارا سنڌي پاڻ کي سڃاڻ سنڌي،
اؤلاد تون شيرن جي ڪانئر نہ بڻج سنڌي.

سنڌ ديش آهي تنهنجو، تنهن کي پلايو تو ڇو،
ڪر ياد تون وطن کي همت نہ هار سنڌي.

سنڌ ۾ هئي سچائي ڪوڙ کي جڳهہ نہ ڪائي،
وٺ تون سهارو سچ جو وڪہ اڳتي وڌاءِ سنڌي.

هل سنڌ ۾ تون ڪاهي، لاڳاپا سيئي لاهي،
قرباني ڏيئي پنهنجي، سنڌ کي ڇڏاءِ سنڌي.

کي آس آهي آزاد سنڌ ٿيندي، **''پيارل''**
سائين ستار تنهنجو، تنهن کي سنڀار سنڌي.

''پيارل''

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# سنڌيت بچايو

هڪ آس اٿم دل ۾ سنڌي جوان جاڳايان
تن جي مائن جي لولي تن کي ياد ڪرايان.
ڏني ماءُ جا ننڍپڻ ۾ پينگهو لوڏيندي لولي،
اها هئي ٻي نه ڪا ٻولي اها هئي سنڌي ٻولي.
چيائين لعل منهنجا وڏو ٿي وير تون ٿيندين،
راڻا پرتاپ جيئن قربان پنهنجي قوم تان ٿيندين.
نه ٿيندين تون ڪڏهن ڪانئر نه ڪمزور ٿيندين،
شيواجيءَ وانگي ٻڌجي شير ويرن جا سر وڍيندين.
اسين آهيون سڀ سنڌي پر سنڌيت ڪٿي آهي،
ڏاريو نه رهيو دور سنڌيءَ کي سنڌي ٿو ڪائي.
ماءُ ممي بڻي آهي، پيءُ ڊئڊي ٿو سڏائي،
سيکو سنڌي گهر ۾ انگريزيءَ ۾ ٿو ڳالهائي.
ڪاڏي ويو اما بابو ڪاڏي ويو ڪڪو ڪڪي،
اسان جي سنڌي ٻولي آ انگريزيءَ ۾ لڪي.
ڇاڻان مان ٻه انگريزي، سنڌيءَ ۾ ٿو ڳالهايان،
جنم پيءُ ماءُ ڏنو آ، نوڪر قوم جو آهيان.
سنڌي آهيو سڀ شير ڪانئر ڪينڪي آهيو،
ڪريو قوم جي شيوا، قوم جو شان وڌايو.
سنڌڙي نه ويئي هٿن مان، سنڌيت نه وڃايو،
سنڌي سيئي گڏجي **”پيارل“** سنڌيت کي بچايو.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

# پيارو سنڌو ديش

امن ايڪتا پريم پيار ۽ ڀائيچاري وارو،
منهنجو سنڌو ديش آ پيارو جڳہ کان نيارو.

۱- ساڌن سنتن پيڳنن جا، لڳندا هئا جتي ميلا،
سچل، سامي، شاهہ لطيف سنڌ جا سنت سهيلا،
سائين ٽيئونرام سنت جو هلندو هو جتي ڀنڊارو.
منهنجو سنڌو ديش آ پيارو.

۲- سنت ڪنور، هيمون ڪالاڻيءَ ڏني جتي قرباني،
ياد اچي ٿي اسان کي انهن جي امر ڪهاڻي،
هرگز ڪين ڀلائي سگهبو ساڌ ٻيلو سکر وارو.
منهنجو سنڌو ديش آ پيارو.

۳- ڏاهرسين ڀي دشمن سان ڪئي خوب لڙائي،
سَتُين سَتَ بچائڻ خاطر جيئري جان جلائي،
اِتهاس سنڌ جو ”**پيارل**“ موهن جو دڙو نيارو.
منهنجو سنڌو ديش پيارو.

”پيارل“

This book Published on Internet by:
**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.



# واقفيت

## سنڌيت جو شيدائي
## شري ٽڏرام پنجواڻي ”پيارل“

بنيادي طرح شري ٽڏارام پنجواڻي ’پيارل‘ هڪ ماهر ليکاري (اڪائونٽنٽ) آهي ۽ اِن ڪيتر ۾ هن جو نالو چوٽيءَ تي پهتل آهي، پر هو هڪ سنو اُتساهي سماج شيوڪ به آهي. ڀارت جي جنهن به شهر ۾ رهيو آهي، اُتي هن پنهنجي انمول شيوا جو نشان ڇڏيو آهي، پوءِ اها ڌرمشالا هجي يا هاءِ اسڪول. احمدآباد جي نيو بنگلا ايراضيءَ جي سنڌي پئنچايت جي پرمک پد تي آهي. ان ڪرسيءَ تي ويهي هو پنهنجي جاتيءَ جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ هر وقت سوچيندو رهي ٿو. ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته هو ساهتيه جي کيتر ۾ هڪ لڪل لعل برابر آهي. تازو ئي هن جون ڪجهه رچنائون جڏهن ڪن اخبارن ۾ ڪوتائن جي روپ ۾ ظاهر ٿيون ته تهلڪو مچي ويو. هو هڪ سنو ڳائڪ به آهي ۽ جڏهن به ڪنهن شاعراڻي محفل ۾ پنهنجي ڪوتا پڙهندو آهي ته مٺي سُر ۾ ڳائي ٻڌندڙن کي مست ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ دفعو هڪ ٽي. وي. مشاعري به موج مچائي ڏيکاريائين. هن جو تخلص آهي ’پيارل‘. سنڌي سينٽرل پئنچايت (احمدآباد) جا اُپ پرمک پڻ آهن. شري ’پيارل‘ طرفان ”پنجواڻي چئريٽيبل ٽرسٽ“ به هلندڙ آهي جنهن جا هو هرتا ڪرتا آهن. ’پيارل‘ سچ پچ ته هو پيارو آهي، پيار ڏيندڙ ۽ پيار وٺندڙ به آهي. جڏهن ڏسو ته پيو مُرڪي. ڳالهين جو ڳوٿ. توهان هن سان ڳالهين ۾ وهندا ته زندگيءَ جون ايتريون ته ڳالهيون ٻڌائيندو ۽ دل ائين چوندي آهي ته سڄو وقت هن جي سهٽيءَ سنگت ۾ گذارجي. آچار وهنوار ۾ سڌو سنئون ۽ سچ جي وات تي هلندڙ، ڪوڙ ڪپٽ کان پري هن جي پيارين ڪوتائن جو هڪ مجموعو ڏينهن جي روشني ڏسي چڪو آهي جنهن جو نالو آهي ”**سڳنڌي گل**“ ان کان سواءِ اڄ ”ٽيچرس-ڊي“ جي موقعي تي ’پيارل‘ جو سنڌيت جو هڳاءُ ڦهلائيندڙ هڪ ٻيو ننڍڙو پر سهڻو ڳٽڪو **”سنڌيت جي** سُرهاڻ“ جي ڪتاب جو وموچن ٿي رهيو آهي، جيڪو پڻ عام ۾ قبول پوندو اهڙي اُميد سان......

**- جڳديش شهدادپوري ’جش‘**

This book Published on Internet by:

**www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine**

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.